# سچل سرمست

Library
Institute of Sindhology
University of Sind, Jamshoro Sind

مهتمم
آغا غلام نبي گل حسن خان (صوفي)
(حڪيم حاذق)
شڪارپور

دفع پهريون ڪاپيون ٥٠٠

١٩٣٣ع

قيمت ٥-٠-٠

سچانند ليونند رام تلريجا شيام سندر بجلي پريس
شڪارپور ۾ ڇپيو

61523
6.11.8.

# ڪلجگ ۾ عشق جو اوتار



سخي سلطان شاه دراز

Printed by :— Sachanand Newandram Talreja,
at the Shyam Sunder Printing Press,
Lakhi-gate, Shikarpur.
and
Published by Hakim G. G. Agha Sufi
Municipal Road, Shikarpur Sind.

(All rights reserved.)

# درازن جي فاروقي فقيرن جو شجرو

1. حضرت امير عمر بن خطاب فاروق رضي الله عنه
2. عبدالله
3. عبدالعزيز
4. شيخ شهاب الدين
5. محمد
6. محمد باقر
7. شيخ عبداللطيف
8. شيخ اسحاق
9. محمد
10. يونس
11. عبدالله
12. احمد
13. برهان الدين
14. عبدالمطلب
15. عبدالوهاب
16. عبدالعزيز

---

1. برهان الدين
2. ابو سعيد احمد
3. محمد
4. سليمان
5. محمد يوسف
6. محمد اسماعيل
7. مخدوم ابوالفتح
8. مخدوم محمود
9. مخدوم عبدالعزيز
10. مخدوم رضي الدين
11. مخدوم نورالدين
12. مخدوم خواجه ابو سعيد
13. مخدوم سليمان
14. مخدوم شهاب الدين
15. حافظ علم الدين
16. مخدوم موسيٰ

---

1. مخدوم شرف الدين
2. مخدوم عبدالوهاب
3. مخدوم محمد حافظ
4. مخدوم عبدالوهاب
5. موراڳو محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو
6. پير عبدالحق
7. فقير سخي قبول محمد
8. ميان نظر محمد
9. خواجه نجم الدين
10. سلطان سخي مقبول محمد سال ١٩٢٤-٢٥ع
11. ميان صلاح الدين
12. حافظ عبدالوهاب عرف سهڻو سرمست

نظر اچي ٿي ۽ نوري انهن جي ڪڍڻ ڪري
لفظ جي معنيٰ ۾ ڪو ڦيرو پوي ٿو، اهڙن زايد
نون ۽ اکرن کي هن ڪتاب جي صورت خطي ۾
جاءِ ڪانہ ڏني وئي آهي. اهڙن زايد حرفن جا
مثال نموني طور مٿي ڏنل آهن ۽ پر جيڪڏهن
هن ڪتاب ۾ ڪهن هنڌ اهڙا زايد حرف اسان جي
مٿي ذڪر ڪيل اصول جي خلاف نظر اچن تہ
اها پريس جي چڪ ڄاڻڻ گهرجي.

## شڪريہ

آخر ۾ فقير ولهداس دارازي (ڊپٽي ڪليڪٽر)
جي حق ۾ سواءِ دعا جي ٻيو ڪجهہ بہ چئي نٿو
سگهان. جنهن شريف دوست هر طرح سان منهنجي
مئل شوق کي زنده ڪرڻ ۾ مسيحائي جو
ڪم ڏنو آهي. مان مبالغي سان نٿو چوان تہ
جيڪڏهن منهنجو هي هم رفيق شفيق دوست مون
کي هن ڪم ۾ پنهنجي مصلحت ۽ مشوره جي خزاني
مان همت جي جواهرن سان مالامال نہ ڪري
ها، پڻ مالي ۽ خيالي امداد نہ پهچائي ها، تہ هي
عشق ۽ عرفان جي عطرداني، اهل ذوق شوق
جي دماغن کي، هوند ايترو جلد معطر ڪين ڪري ها.

رسالي جي بيتن کي وقتن جي لحاظ تي
باقاعده ورهائڻ، ۽ هر ڪ راڳ بنسبت سنگيتن
موجب مشوره ڏيڻ ۾، منهنجي معزز دوست
سيٺ قيمترام صاحب رهيجي (شڪارپوري) جيڪو

## (باب ٻيو)

## تصوف ۽ ويدانت



**سرمست درازي** پيري ۽ بزرگي کان بلڪل بيزار رهيو آهي سندس حياتي عاشقانه طريقي جي حياتي نظر اچي ٿي ۽ نه ذاهدانه.

### ڏسا ٻتي

بزرگ شيخ مشائخ يارو، نا مخدوم اٿما سي
نڪي قاضي نڪي ملا، معلم پير ٻڌايا سي
نڪي ناه ذڳي جا ڏاهي رنگه رساءِ رکها سي
**سچا** باجهون عشق الاه جي- ڪوئي هنر نه سکيا سي

مرشد آکيو عاشق ٿئن تان، مڪر ڏيج مشاخي
شيخي پيري ۽ بزرگي، اٿي سڀ ملاخي
**سچا** سوز گداز سوا سچ، ٻيا سڀ چور طباخي

عاشقان باشند در سوز و گداز
زاهدان هستند در روزه نماز سرمست

**شاه لطيف** هميشه جمالي هيو.
**سرمست درازي** کهڙ ڪري جلالي هيو.
مطلب ته - شاه لطيف جي ڪٽي هڪ لعل هيو ته سرمست درازي هڪ روشن چراغ هيو.

---

جمالي (سٽ ٢ ۽ ٣)

## تفصيل


١- صوفي، تصوف ۽ ويدانت
٢- صوفين جو عروج
٣- صوفي ۽ ٻيا مذهب
٤- صوفي معصوف ۽ مستصوف
٥- برهم = حق
٦- پاڻ سڃاڻڻ
٧- آتما = روح
٨- خطرات
٩- معرفت ۽ عشق
١٠- يقين
١١- صوفين جا فرقا


# صوفي

## تصوف ۽ ويدانت

### (معنيٰ ۽ تاريخ)

اهل قلم مدتن کان صوفي لفظ جي اصليت ۽ معنيٰ ثابت ڪرڻ ۾ غلطان ۽ پيچان رهيا آهن. ڪي چون ٿا ته صوفي لفظ صوف (پشم) مان نڪتل آهي جو انهيءَ جماعت پوشاڪ جو رنگ آهي. ڪن جو قياس آهي ته صوفي لفظ جو اشتقاق صف آهي ڇاڪاڻ ته اها جماعت هميشه عبادت ۽ بندگي ۾ سڀ کان پهرين صف (قطار) ۾ رهندي آئي آهي. گهڻو ڪري اهل قلم، صوفي لفظ جو بنياد صفا مان ثابت ڪن ٿا. ڇو ته، صوفي سرمست سدائين سيني جي صفائي جا صاحب آهن. ڪن ته وري فيلاسوفي ۽ ٿياسوفي لفظ جي خيال تي صوفي لفظ يوناني زبان جو لفظ مقرر ڪيو آهي. ڪن راوين جي روايت آهي ته حضرت محمد مصطفيٰ (صلعم) جي زماني ۾ مسجد

جماعت جي پوشاڪ (سته ۴)

۱. ڪام ۲. ڪروڌ ۳. موھ ۴. لوڀ ۵. اھنڪار ظاھر ۾ آھن پنج، پر ھرڪ جي ھٿ ۾ ڪئي ڪٽڪ آھن، جي جدا جدا خيالن جي شڪلن ۾ اسان جي آڏو اچي اسان کي گمراھ ڪري رھيا آھن. اھڙن پوڙن جو بچاءُ ست سنگ ۽ سچي ستگر جي صحبت ئي آھي. رند صوفي وري خطرو انھيءَ خواھش کي سڏين ٿا، جا بندي کي رب جي طرف ڇڪي ۽ بندو انجي دفع ڪرڻ ۾ قادر نه ھجي.

" بنده حق بسوئي حق خواند
دفع آن خطره نه تواند"

---

## معرفت ۽ عشق

مٿي جيڪو ذڪر برھم ودیا يعني تصوف بنسبت ٿي ڪذريو آھي، ان جي پروڙ ڪرڻ معرفت (ودیا) جي رستي پئجي سگھي ٿي ۽ ٻيو عشق جي رستي، يعني انھيءَ مايا جي وسمي وسنوار کي، جنھن جو ڪارڻ اوديا آھي، يا وديا ٽوري سگھندي يا عشق.

ان باري ۾ سرمست ٿو چوي—

" عارفي و عاشقي شد ھردو شان يارِ ما
ھر جلوه حسن مي آيد بچين دلدارِ ما" (سرمست)

" عارفي يعني معرفت (ودیا) ۽ عاشقي اھي ٻئي منھنجي يار (پرماتما) جو شان آھن. حسن جي ھر جلوه ۾ ڏس ته منھنجو دلدار ئي نظر اچي."

جيڪو مطلق نور جو جزو ھن انسان ۾ موجود آھي، سو "ڪل شيئ يرجع الا اصله" جي اصول موجب ھميشه پنھنجي اصل طرف پيو ڇڪجڻ

اَدوَيت وارا جن کي موحد ٻه ڪوٺجي، يعني جن وٽ دوئي ڪانهي، تن جو خيال آهي ته برهم، ۽ برهمانڊ هڪ شيءِ آهي، يعني هي سڀ جيڪي ڏسجي ٿو سو سڀ همه اوست، (سڀ اُهو) آهي.

گاهه آدم گاهه شيطان مي شوم
گاهه موسيٰ گاهه عمران مي شوم
گه جدا باشم من از مادر پدر
گه چو اسماعيل قربان مي شوم
گاهه باشم **آشڪارا** بادشاهه
گاهه بر دربار دربان مي شوم

(سرمست)

ڪڏهن آدم ڪڏهن شيطان ٿيان ٿو. ڪڏهن موسيٰ ڪڏهن عمران ٿيان ٿو، ڪڏهن جدا آهيان ڪڏهن پيءُ ماءُ منجهان آهيان. ڪڏهن اسماعيل وانگر قربان ٿيان ٿو. ڪڏهن اي آشڪار بادشاهه آهيان، ڪڏهن دربار جو دربان ٿيان ٿو.

## (باب ٻيو)

## حيات سرمست

ڪيل آهي جي روحاني رازن ۽ آتمڪ بل کان بلڪل بي خبر ۽ خدا جي حقيقي هستيءَ ۽ ديدار جا قائل ڪين آهن. بقول سرمد صوفي.

### رباعي

"سرمد غم عشق بوالهوس را ندهند
سوز پر پروانه مگس را ندهند
عمري بايد که يار آيد بکنار
سرمد اين دولت همه کس را ندهند"

سرمد عشق جو غم سڌن کي نٿو حاصل ٿئي. پرواني جي پر جي جلڻ واري خصوصيت مک کي نٿي ملي. عمر گهرجي جو يار سان ميلاپ نصيب ٿئي. سرمد اها دولت هر ڪنهن کي عطا نٿي ٿئي.

## سرمست ۽ مرشد جي صحبت

بمي سجاده رنگين کن گرت پير مغان گويد
که سالک بي خبر نه بود زراه و رسم منزلها

(حافظ شيرازي)

### سنڌي

ساڻ شراب جي رنگ مصلو هادي جي فرمائي
جو سالڪ واقف راز حقيقي پل ۾ پار لنگهائي

مرشد جي معنيٰ آهي، ارشاد (حڪم) ڪندڙ. ڪامل مرشد روحاني استاد جو نالو آهي يا ائين سمجهو ته مرشد، مريد ۽ خدا جي وچ ۾ هڪ وسيلو آهي.

مريد جي معنيٰ لغت (ڊڪشنري) ۾ آهي ارادو رکندڙ. پر صوفين جي نزديڪ مريد انهيءَ شخص کي سڏين ٿا، جيڪو الله واري وات جي پنڌ پچڙ جي ارادي سان ڪهن واقف

آهي. مسلمان رهبرن وارو فيض مسلمانن کي بخشيندو رهي ٿو. هندو رهبرن وارو گيان هندن ۾ ونڊيندو رهي ٿو، باقي پنهنجي مستي وارو راز سو پنهنجي مستن جي ٽولي لاءِ رزرو رکيل اٿس. ڇاڪاڻ ته اها ڇاش جڏهن کو ڇريو ٿئي تڏهن چکي.

"ڇري ڇري ڪين ڇڏيو، ڇريو آهي لوڪ
جو ڇريءَ لڌو ٽوڪ، سو سچل آهي نه سڀ ڪين"

---

# سرمست جي سرمستي

اينءَ ته سچل سرمست جي ڪلام جي کٽي پاڳي مان سندس موج ۽ مستي جي خوشبوءِ پئي اچي، پر سچي پچي سرمستي جيڪڏهن هن مولا جي مست جي ڏسڻي اٿو ته ديوان آشڪار جي ''نون'' واري رديف کي نظر مان ڪڍو، جهن جي مطلع مان اوهان کي هيٺيان مستي جا نيشان ضرور نظر ايندا. هڪڙو ته نه لهه پورو رديف نه قافيه. پر جيڪو رديف يا قافيه آهي به ڪٽي، ته اهو ڪل جهڙو آهي. ٻيو ته ڇا جي تقطيع ڇا جو وزن، ڇا جو واحد ڇا جو جمع. گويا ان وقت ته سرمست سچڻ مستيءَ وچان ڪيو آهي جهنگ منهٌ. نه ڏٺي اٿس ڪنڌي نه ڪرڙي، نه لٿي نه لاٿي. هڙ مان ئي بست ويو آهي.

مستي به اها مستي، جو طبعي عادت کي به ذرو ظاهر ٿيڻ نه ڏنو اٿس. آهي شعر پارسي ۾،

هو. مگر مزو ته هي آهي جو سچل سرمست جي
وقت ۾ انهن ٻولين جو ڏؤر به ڏور ٿيندو ٿي
ويو، تڏهن به هن عاشق جيڪي سنسڪرت لفظ
پنهنجن بيتن ۾ ڪم آندا آهن، سي اهڙا عالمانه
لفظ آهن، جو مان نٿو ڀانيان ته ڪو اڳين شاعرن
مان ڪنهن به اسلامي شاعر، ايترا ۽ اهڙا ننج
سنسڪرت لفظ پنهنجن ڪلامن ۾ ڪما يا آهن.

سچل سرمست جي سنڌي صرف نحو بنسبت
اسان هت بحث ڪرڻ نٿا گهرون ڇا ڪاڻ ته
جيڪو صرف نحو اسان کي اهڙن ٻي خود شاعرن
جي شعر ۾ نظر اچي ٿو، سو سندن ظاهري علمي
لياقت جو نتيجو ڪين آهي؛ نه ڪي انهن ڪو
ڪي پاڻ سان اهي پورا ايون چاڙهي واڙهي پي
ڪيون آهن. مان نٿو ڀانيان ته ڪين خود ڪا
اها ٻيٽ هوندي ته هن نه هن قسم جو صرف نحو
اسان جي هن ڪلام ۾ موجود آهي، جو اسان
جي واڻان وهيو آهي. تهن ڪري اهڙن قدرتي
شاعرن جي ڪلام مان صرف نحو چونڊي پبلڪ
جي اڳيان پيش ڪرڻ، رڳو مصنف کي پنهنجي
معلومات ۽ علمي لياقت ڏيکارڻي آهي. انهيءَ



ڪانسواءِ ٻولي گرامر ڏانءَ ڪانه ورتل آهي پر
گرامر ٻوليءَ تان ورتل آهي. تهن ڪري گرامر
عام خاص ڪنهن پڪي انسان جي ڪلام ۾
موجود آهي. تهن ڪري، رڳو پنهنجي لياقت ڏيکارڻ
واسطي اهڙي تحرير لاءِ اسان جي منقار قلم
معذور آهي.

---

## ( باب ٽيون )
## راڳ



ٽي چڙي، ته مان ڪيئن زمين ۾ پوريل هيس، اتان ڪيئن ڪوٺي ويس، وري ڪيئن لوهه جي هٽ چڙهيس ۽ باهه ۾ سڙي ڪٽجي سٽجي ٽيليفون سهي، تار جي صورت ۾ آيس ۽ وري ڪيئن ساز تي چڙهي ”حق حق هو“ وارا ٻول پٽي ٻوليان. مطلب ته انهيءَ ڪتاب ۾ فقير صاحب هڪ عجيب نيرائي ۾ معرفت جي مام هڪ تار جي تعريف جي ذريع ٽنواري آهي.

انهيءَ ڪانسواءِ فارسي ۾ ڪيتيون رباعيون وغيره فقير صاحب جون جدا ڇپيل آهن. مير صاحبن وٽ، جيڪو سنڌي ۽ سرائڪي بيتن جو ذخيرو موجود آهي سو هزارن جي تعداد ۾ آهي. جن مان ڪيترا بيت اسان صاف ڪري هن ڪتاب ”سچل سرمست“ ۾ درج ڪيا آهن.

## تفصيل


١- راڳن جو شجرو

٢- راڳ

٣- راڳ ڌيان

٤- سرن جي ترتيب


## راڳ

عشق جي قانون موجب عاشق غريب کي ڪڏهن وصال نصيب آهي ته ڪڏهن وڇوڙو. وصل واري وقت ۾ ته عاشق پنهنجي پريت ۽ پريم جا پيغام، پنهنجي پريتم اڳيان ٻاٽئي پيش ڪري ٿو سگهي. پر وڇوڙي جي ويل، جو هو ماهي بي آب وانگر پيو ٿو لڇي ۽ ڦٿڪي، ان وقت هنجو هيڻو حال، هنجي درد جون دانهون ۽ دل جا جذبا، جانب جي جوءِ تائين يا قريب جي ڪن ڪير وڃي وجهي.

"وڃي ڪو يار مهنجي کي مهنجو هي حال پهچائي
آهي اهڙي ڪا ساهيڙي پرين مهنجو ڏي پرچائي"
(ڪوجهي درازي)

سدا سدورو ڪانگل، قرهدار ڪبوتر ۽ طرز باز طوطل ته گهڻوئي دلگير عاشق کي دلبرون پيا آڻي ڏين ۽ سندس سور پنهنجي

لباس ڪارو آهي. هو وٽ هيٺان پنهنجي معشوق
پيروي جي عشق ۾ بيٺو ڪيائي.

**مالڪوس جون ٥ استريون راڳڻيون**

١- ٽوري ٢- گوري ٣- گل ڪلي ٤- کنڀاوتي
(کماچ) ٥- ڪوڪوبا.

**مالڪوس جا ٨ پٽ**

١- مارو ٢- ميوار ٣- ٻرهنس (ٻڌنس) ٤- پرٻل
٥- چندرڪ ٦- نند ٧- ڀون ور ٨- ڪوکر.

**مالڪوس جي پٽن جون ٨ استريون**

١. شڌ ڌناسري ٢- جيٽ مالسري ٣- جيٽ سري
٤- سوگري ٥- درڳا ٦- ديوگنداري ٧- ڀيم پلاسي
٨- ڪمودي.